Aik Saath ايڪ ساٿھ 'Together'

# ٽنبجڻ/ ڪچا ڦر ڪيرائڻ (Brucellosis)

## تعارف

ٽنبجڻ/ ڪچا ڦر ڪيرائڻ هڪ اهم بيماري آهي جيڪا ٻڪرين ۽ رڍن جي ٻچيءِ داني جي سرشتي کي بند ڪري يا بيهاري، انهن جي پيداوار ۾ وڏي اقتصادي نقصان جو سبب بڻجي سگهي ٿي. هي هڪ زونوسس (Zoonosis) بيماري آهي جيڪا جانورن ذريعي انسانن ۾ منتقل ٿي سگهي ٿي.

## ٽنبجڻ/ ڪچا ڦر ڪيرائڻ جا سبب ڇا آهن ؟



هي هڪ وچرندڙ مرض آهي جيڪو سنهڙن جيوڙن (جراثيم) بروسيلا جي ڪري ٿيندي آهي. جنهن جا قسم هيٺ ڏجن ٿا.

- بروسيلا ميلاٽينسس (*Brucella melitensis*) جيڪا عام طور تي ٻڪرين، رڍن ۽ اٺن ۾ بيماري پيدا ڪن ٿا.
- بروسيلا اووس (*Brucella ovis*)رڍ ۾ ٻچو پيدا ڪرڻ جي صلاحيت کي ختم ڪري ٿي، هي جيوڙا انسان ۽ ٻين جانورن کي متاثر نه ٿا ڪن.
- بروسيلا ايبارٽس (*Brucella abortus*) ڍڳين کي نقصان پهچائيندو آهي پر ٻڪرين ۽ رڍن کي تمام گهٽ متاثر ڪري ٿو.

## بروسيلاسس جون بيمار جانورن ۾ ڪهڙيون نشانيون ظاهر ٿين ٿيون؟



- نئي بيمار ٿيل ڌڻ ۾ دير سان حمل ٿيڻ جي ڪري ڦر ڇنڊجي وڃڻ عام نشاني آهي. ڦر جو دير سان ڄمڻ، ڪمزور ڄاول ڦر، ڇر جو نڪري اچڻ يا ڪِري پوڻ، اوهه يا ٿڻن جي بيماري مادي جانورن جون نشانيون آهن.
- بروسيلاسس جانور ۾ هميشه لاءِ سنڍپڻي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. رڍ ۽ ٻڪري جي نڙ جانور ۾ خصيا يا آنورا سڄي پوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن متاثر جانورن جي هڏن ۾ سوڄ ٿي پوندي آهي.



- رڍ ۽ ٻڪري عام طور تي صرف هڪ ڀيرو ڦرڇنڊينديون آهن پر هن بيڪٽيريا جي ڪري باربارڇنڊينديون آهن انهيءَ جي لاءِ بغير ڪا نشاني ظاهر ڪرڻ جي بيڪٽيريا ٻين جانورن ۽ انسانن کي متاثر ڪري سگهن ٿا. اهو به ٿي سگهي ٿو ته جانورن جي ڌڻ ۾ ڪجهه عرصي لاءِ ڪا به علامت ظاهر نه ٿئي پر پوءِ به ڪو جانور ڦر ڇنڊي سگهي ٿو.
- ٻڪريون مسلسل طور تي انفيڪشن جو شڪار ٿي سگهن ٿيون ۽ انهن جي کير ۾ بيڪٽيريا جي موجودگي به ٿي سگهي ٿي. صحتمند ۽ بيماري جي بغير علامت وارو جانور ٻين جانورن ۾ بيماري جو سبب بڻجي سگهن ٿا.

## بروسيلاسس جون ڪهڙيون نشانيون انسانن ۾ ظاهر ٿينديون آهن؟

شروعاتي علامتن ۾ زڪام ٿيندو آهي جنهن ۾ تيز بخار، مٿي ۾ سور، جسم ۾ ڪمزوري، هڏن ۾ سور، وزن ۾ گهٽتائي ۽ بک نه لڳڻ شامل آهن. حاملا عورتن ۽ ٻارن ۾ هن بيماري جي ڦهلجڻ جو خطرو گهڻو هوندو آهي. اگر علاج جلدي نه ڪرايو ويو ته ٻار ۾ پيدائشي نُقص يا ڦر جي ڇنڊجڻ جهڙا نقصان ٿي سگهن ٿا.

## جانورن ۾ ٽنبجڻ واري بيماري (بروسيلاسس) ڪيئن ٿيندي آهي؟



- بروسيلاسس جو جانورن ۾ ڦهلجڻ جو سبب بيمار جانورن جي ڇر يا اوڙ، ڳپ، ڳپ جو پاڻي ۽ ٻچيداڻي مان نڪرندڙ نيڪال کي ڇهڻ يا رابطي ۾ اچڻ سان ٿئي ٿي.
- اها بيماري کير ۽ مني جي زريعي به ڦهلجندي آهي، تنهنڪري هڪ دفعو بيماري ڌڻ ۾ اچڻ ڪانپوءِ جانورن ۾ وچڙندي رهندي آهي.
- بروسيلا مٽي، سامان، ڪپڙن ۽ ڪک جي بستري تي متاثر ٿيل سامان سان رابطي ۾ اچڻ جي ڪري گهڻي وقت تائين زنده رهي ٿو.

- سج جي سڌي روشنيءَ وڏيڪ عرصي تائين لڳڻ جي ڪري بروسيلا جراثيم کي ماري ڇڏيندي آهي.

## بروسيلاسس جي تشخيش ڪيئن ڪئي ويندي آهي؟

- جڏهن حاملا جانور ڪچو ڦر ڇنڊي ڏي ته انهي بيماري کي بروسيلاسس سمجهڻ گهرجي ۽ جلد کان جلد احتياتي اُپاءُ وٺڻ گهرجن ته جيئن انسانن ۾ نه ڦهلجي سگهي.
- يقيني تشخيش صرف ليباريٽري ٽيسٽ سان ڪري سگهجي ٿي. خاص معاملن/ ڪيسن ۾ ڪير ۽ ڦنبجڻ واري مواد کي ليباريٽري ۾ چڪاس ڪري سگهجي ٿو.
- بيماري هجڻ جي شڪ جي ڪري سڄي ڌڻ جي مڪمل چڪاس ڪري سگهجي ٿي.

## جانورن ۾ بروسيلاسس بيماري جي شڪ هجڻ جي ڪري ڇا ڪرڻ گهرجي؟

- بيماري مان متاثر جانور، متاثر سامان يا مادي جانور مان ڦر ڪيڻ جي دوران هميشه حفاظتي لباس پائڻ گهرجي. مرض کان بچاءُ لاءِ صفائي ضروري آهي.
- جيڪڏهن جانورن ۾ بيماري جو شڪ هجي ته بيماري جي تشخيص ۽ صلاح وٺڻ لاءِ ياڳيو سرڪاري جانورن واري شعبي يا ڊاڪٽر سان رابطو ڪري سگهي ٿو.

## علاج




- بيماري جو ڪوبه عملي علاج موجود نه آهي، توليدي سرشتي جي ڪمزور ڪارڪردگي ياڳين کي وڏو معاشي نقصان رسائي سگهي ٿو. تنهنڪري ضابطو ۽ بچاءُ تمام ضروري آهي.
- بروسيلا ميلائيٽينس (Brucella melitensis Rev 1 strain) سيني کان بهترين ملندڙ ويڪسين آهي، جيڪا بروسيلاسس بيماري کي روڪڻ لاءِ رڍن ۽ ٻڪرين کي اڳواٽ لڳائبي آهي.

## وچرندڙ مرض تي ضابطو / صفائيءَ

- جانورن جي ڌڻ ۽ انسانن جي بچاءُ لاءِ صفائي رکڻ تمام ضروري آهي.
- مرض مان متاثر ٿيل سامان يا ڦر جي پئدا ٿيڻ وقت هٿ وجهڻ محل ڪپڙن کي ڍڪجي، مضبوط ربر يا پلاسٽڪ جا دستانا پائجن ۽ ڪم ختم ٿيڻ کانپوءِ صابن ۽ پاڻي سان سٺي نموني صفائي ڪرڻ گهرجي.
- متاثر ٿيل يا رابطي ۾ ايندڙ ڪپڙن، سامان ۽ جڳهه کي صاف ۽ جراثيمن کان پاڪ رکڻ گهرجي.
- متاثر ٿيل مواد کي گهرو کڏو کوٽي دفن ڪرڻ گهرجي.
- بيماري جي ڦهلاءُ کي روڪڻ لاءِ بيمار جانورن کي باقي جانورن کان پري رکڻ گهرجي.
- ڪچو کير يا گوشت واپرائڻ ماڻهن ۾ مرض ڦهلجڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.
- کير پيئڻ يا ڌهي، پنير، مکڻ کان پهرين کير کي سٺي طرح ٿهڪائجي ۽ گوشت کي به سٺي نموني پچائڻ گهرجي.
- حاملا عورتن کي اهڙن جانورن جنهن ۾ بروسيلاسس بيماري هجي يا ٿيڻ جو امڪان هجي کي سنڀالڻ نه گهرجي

## بچاءُ يا احتياتي اپاءُ

احتياتي اپاءُ بروسيلاسس جي ڦهلجڻ کي محدود ۽ قابو ڪرڻ لاءِ ضروري آهن.

- بچاءُ وارا طريقا استعمال ڪرڻ وڏي اهميت رکن ٿا ( خاص طور تي مقامي علائقن ۾ جتي بروسيلاسس عام آهي) هن بيماري جي ڦهلاءُ کي گهٽ ڪرڻ جي لاءِ احتياط ڪرڻ تمام ضروري آهي.
- مناسب حفاظتي ۽ صحتيابي ضابطا صحتمند جانورن جي ڌڻ ۾ بيماري جي ڦهلجڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.
- وقتي طور تي تشخيصي جاچ پڙتال ڪرڻ سان مرض تي ضابطو آڻي سگهجي ٿو.
- معاشي ۽ صفائي واري نقصان کان بچڻ لاءِ ويڪسينيشن بروسيلاسس کان بچڻ لاءِ بهترين طريقو آهي.